ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪلوڙ

# سنڌي ۽ انگريزي ٻولين جو تقابلي لسانياتي خاڪو


***Abstract:***

**A COMPARATIVE LINGUISTIC SKETCH OF SINDHI AND ENGLISH**

*Sindhi and English belong to two sub branches of Indo-European language family; west-Germanic and Indo-Aryan. Sindhi speakers have remained in contact with English for 175 years -directly during British rule (1843 A.D to 1947 A.D) and indirectly after 1947. Like other parts of the world, English enjoys the status of an official and prestigious language in Pakistan.*

*In the domain of Education, English has great importance. It is taught mostly as a second language, from primary to tertiary level, in all over the country, including Sindh. However, it has been observed that the native Sindhi speakers find it difficult as a second language.*

*This research paper presents a brief comparative linguistic sketch of English and Sindhi languages. The purpose of the study is to highlight the linguistic commonalities and differences between the two languages.*

*For this study, the content analysis method is applied on linguistic structures i.e. phonetic sketch, descriptive morphology and syntax of the two languages. The results have been drawn on the basis of linguistic commonalities and differences.*

*The analytical results clearly reveal that the Sindhi and English have comparatively less linguistic commonalities, whereas, they have more differences in phonology, morphology, syntax and lexicon. The native Sindhi speakers, especially students of different levels will be the prime beneficiaries of this study.*


## ١. تعارف (Introduction)

جيئن اختصار ۾ به ڄاڻايل آهي، ته سنڌي ۽ انگريزي ’انڊو يوروپين‘ لساني خاندان جي ٻن ضمني شاخن، ترتيبوار هند آريائي اولهندي جرمن سان تعلق رکندڙ





ٻوليون آهن. (Ethnologue, ٢٠١٧) موجب، سنڌيءَ جيڪا ”دنيا جي ٧٠٠٩ ڄاتل زنده زبانن مان پهرين پنجاهه زبانن ۾ شمار آهي.“ جڏهن ته انگريزي عالمي سطح تي مکيه طور رابطي، سائنس، انفارميشن ٽيڪنالاجي، عام معلومات، ڪاروبار، هوابازي ۽ ڊِپلوميسيءَ جي زبان هئڻ ڪري پوري دنيا تي ڇانيل آهي. ٻين گهڻن خطن جيان سنڌ سميت سڄي پاڪستان ۾ به سرڪاري لکپڙهه جي زبان هئڻ سان گڏ ٻين ڪيترن ميدانن ۾ استعمال ٿئي پئي ۽ ڪيس قابلِ فخر ٻولي تصور ڪيو وڃي ٿو.

سنڌيءَ ۽ انگريزي ٻوليءَ جو سڌو لساني رابطو انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ ١٨٤٣ع کان ١٩٤٧ع تائين رهيو. ان کان پوءِ به خاص ڪري تعليم ۽ ٻين ميدانن ذريعي اڻ سڌي رابطي ۾ آهن. پوڻا ٻه سئو سالن جي سِڌي توڙي اڻ سڌي رابطي ۽ لسانياتي مداخلت سبب انگريزي اڌاريلن جو وڏو ذخيرو سنڌيءَ ۾ داخل ٿيو آهي. هن تقابلي لسانياتي اڀياس سان پڙهندڙن کي ڄاڻايل ٻولين جي لسانياتي ڍانچي جي نوعيت کان واقفيت حاصل ٿيڻ سان گڏ، انهن جي وچ ۾ اختلاف ۽ اشتراڪ جي سُڌ پوندي.

## ٢. لاڳاپيل مواد / اڳ ٿيل ڪم جو جائزو:

هن کان اڳ سنڌي ۽ انگريزي ٻولين جي وچ ۾ لساني رابطي ۽ لسانياتي مداخلت جي حوالي کان گهڻو ڪم ڪونه ٿيو آهي، البت خوبچنداڻي (١٩٦٨) ۽ هدايت پريم (١٩٩٨) جا مقالا ڇپيل آهن. ٻنهي جي ڪم ۾ سنڌيءَ ۾ انگريزي اڌاريل لفظن جي حوالي کان مواد موجود آهي. منجهن گرامري ڀيٽ نه ڪئي وئي آهي. هتي سنڌي ۽ انگريزيءَ جي لسانياتي ڍانچي جو تقابلي اڀياس پيش ڪيو ويو آهي.

## ٣. طريقي ڪار (Methodology):

هن مقالي ۾ سنڌي ۽ انگريزيءَ جي لسانياتي ڀيٽ ڪرڻ لاءِ ’موادي تجزيئي‘ (Content analysis) جي طريقي سان ٻنهي ٻولين جي لسانياتي ڍانچي يعني، صوتياتي خاڪي، تشريحي صرفيات و نحويات ۽ لغات متعلق تحريري مواد جو تجزيو ڪري منجهن اختلافن ۽ اشتراڪ جي بنياد تي نتيجا اخذ ڪيا ويا آهن.

### ٤. تجزياتي نتيجا (Analytical Findings):

هن حصي ۾ سنڌي ۽ انگريزي ٻولين جي لسانياتي تقابل مان هٿ ڪيل تجزياتي حقيقتون مکيه طور ٽن حصن ۾ ورهائي پيش ڪجن ٿيون : ١. صوتيات ٢. صرفيات ٣. نحويات .

- **صوتيات (Phonology):**

سنڌي ۽ انگريزي ٻوليون مختلف صوتياتي نظام رکن ٿيون. سنڌيءَ ۾ ايڪونجاهه صوتيا آهن: ايڪيتاليهه وينجنَ ۽ ڏهه سُرَ. ٻئي پاسي Michael swan (١٩٨٠) موجب، ”انگريزيءَ ۾ چوئيتاليهه صوتيا آهن: چوويهه وينجن ۽ ويهه سُرَ“. حوالو سنڌي ٻولي انگريزيءَ جي سواءِ /Z/ صوتيي جي (جئين Luxurious ۾ آهي ) باقي سموري صوتياتي خاڪي جو پورائو ڪري ٿي. جڏهن ته سنڌيءَ جا اوڻويهه وينجن صوتيا انگريزيءَ ۾ ڪونهن: ڏهه ڏوڪٽا (/ت/، /ٽ/، /ٺ/، /ٿ/، /ڦ/، /ڏ/، /ڍ/، /جهه/، /ڇ/، /ک/، /گهه/)، چار ڇُوسٽا (/ٻ/، /ڏ/، /ڳ/، /ڄ/)، ٻه نڪوان ( /ڃ/، /ڻ/)، ٻه گسٽا (/خ/، /غ/) ۽ هڪ ڦڙڪٽو (/ڙ/).

- **گهُٽائِپَ (Nasalization):**

سنڌيءَ ۾ گهُٽائپَ صوتيائي اهميت واري (Phonemic) آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا موجب، ”سنڌيءَ ۾ گهُٽان سُرَ ڌارَ صوتيي طورَ استعمال ٿين ٿا. جيئن: باسَ، بانسَ وغيره“ (الانا، ٢٠٠٩ع، ص:١١٤). جڏهن ته انگريزيءَ ۾ سُرن جي گهُٽائپَ غيرصوتيائي (Non-phonemic) آهي.

In English nasalized vowels occur only before nasal consonants. The words bean, ban, bam, boom; and Bing, bang, bong are examples of words that contain nasalized vowels (Victoria & others, ١٩٨٨, P.٢٣٠).

- **لفظي زور (Word Stress):**

سنڌيءَ ۾ لفظي سطح تي زور ائين صوتيائي اهميت وارو ناهي جيئن انگريزي ۾ آهي. يعني، ان سان لفظن جو ڪلاس نٿو مٽجي. جڏهن ته انگريزيءَ کي ‘Stress timed language’ سڏيو ويندو آهي.





In English one or more of the syllables in each content words are stressed. For example:

Subject (noun) as in ‘Let's change the subject.’
Subject (Verb) as in ‘He'll subject us to criticism.’

This pair show that stress is contrastive in E.; it distinguishes between nouns and verbs. (P.274).

- **جهيلاڙ (Intonation):**

جهيلاڙ يا ڍارَ جو بنيادي ڪم جملي جي معنيٰ کي واضح ڪرڻ هوندو آهي. انگريزيءَ ۾ مختلف نحوي فَرقن کي جهيلاري طرزن ذريعي ظاهر ڪري سگهجي ٿو. سنڌيءَ ۾ ٻه ڪيترن جاين تي بياني، سوالي ۽ عجبي جملن کي جهيلار ذريعي ظاهر ڪري سگهجي ٿو. تنهن ڪري جهيلاڙ نحوي سطح تي سنڌيءَ ۾ ٻه صوتيائي اهميت رکي ٿي.

**ٽيبل-١:** سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ ڍار جي صوتيائي طور اهم هئڻ جا مثال.

| سنڌي | انگريزي |
|---|---|
| هُو اچي پيو. (بياني) | He is coming. |
| هُو اچي پيو؟ (سوالي) | He is coming? |
| هُو اچي پيو ! (تعجب) وغيره. | He is coming! |

**لفظن جا پَدَ (Word Syllables):**

سنڌيءَ کي کُليل پدن واري (Open Syllable) يا مُتحرڪ الآخر زبانَ ۽ انگريزيءَ کي بند پدن واري (Closed Syllable) يا ساڪن الآخر زبان سڏيو ويندو آهي. يعني، سنڌي ۽ انگريزي صوتيات جو اهم فرق اِهو آهي ته سنڌي سُر پڇاڙيءَ واري (vowel ending) ۽ انگريزي وينجن پڇاڙيءَ واري (Consonant ending) زبان آهي.

**صرفيات (Morphology):**

سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ ڪافي صرفياتي اختلاف موجود آهي. هيٺ ان جي وضاحت ڪجي ٿي.

### اسمَ (Nominals):

سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ ٻه عددَ (واحد، جمع) ٿين ٿا پر جنس ۾ اختلاف اٿن. انگريزيءَ ۾ چار جنسون آهن (مذڪر، مونث، جنسِ عام، جنسِ بي جان) پر اهي گرامري نہ آهن. ان ۾ هر جنس لاءِ ڌار لفظ آهن. مثال طور: He goat, She goat, Boy, Girl وغيره. جڏهن تہ سنڌي اسمَ ٻہ گرامري جنسون (مذڪر، مونث) رکن ٿا. انهن ۾ انگريزيءَ وانگي جنسِ عام ۽ جنسِ بي جان جو بيان ڪونهي ٿيندو. اهي حالت ۽ عدد وغيره جي گردان ۾ مَتجن ٿا. ڪين مختلف تصريفن جهڙوڪ: اُ، اِ، او، اِي وغيره سان ظاهر ڪيو ويندو آهي. مثال طور: ڇوڪرُ، ڇوڪرِ، ڇوڪرو، ڇوڪري وغيره.

انگريزيءَ جي اُبتڙ سنڌيءَ ۾ ڪو 'Definite Article' ڪونهي. ضرورت پوڻ تي عددي حرف 'هڪ' بطور آرٽيڪل استعمال ڪيو ويندو آهي.

### صفتون (Adjectives):

ٻنهي ٻولين ۾ صفتون اڪثر ڪري اسمن ۽ فعل ٺُڙن مان ناهيون ويندڙيون آهن. جيئن سنڌيءَ ۾: ڪٽِ مان ڪٽو وغيره ۽ انگريزيءَ ۾: Habit مان Habitual وغيره. البت صفتي پيٽ جو طريقو ٻنهي ۾ مختلف آهي. ان لاءِ انگريزيءَ ۾ صفت جي بناوت تبديل ٿئي ٿي. صفت تفصيل لاءِ صفت ٺُڙ سان / er—/ پڇاڙي ۽ صفت مبالغي لاءِ // est پڇاڙي لڳائي ويندي آهي. ٻئي پاسي سنڌيءَ ۾ انهن لاءِ ڪي بہ پڇاڙيون ڪو نہ آهن بلڪ حرف جرن (کان، سڀ کان) جي مدد سان صفت تفصيل ۽ صفت مبالغو ٺاهيا ويندا آهن.

### فعلَ (Verbals):

لازمي ۽ متعدي (Transitive and Intransitive) قسمن جا فعلَ ٻنهي ٻولين ۾ ٿين ٿا پر انگريزيءَ ۾ انهن کي سندن بناوت مان سُڃاڻي نہ سگهبو تہ آيا اهي لازمي آهن يا متعدي. جڏهن تہ سنڌيءَ ۾ انهن جون ڌارَ نشانيون آهن. لازمي فعل ٺُڙن جي آخر ۾ / -اُ/ ۽ متعدي فعل ٺُڙن جي آخر ۾ /-اِ/ لڳائي ويندي آهي. مثال طور: مَرُ، مارِ، ٻَرُ، ٻارِ وغيره.

فعلي واسطن جي لحاظ کان انگريزيءَ ۾ سنڌيءَ جي برخلاف بالواسط (Causative) فعلَ جهڙوڪ: ڊهرائڻ، لکرائڻ وغيره ۽ ٻتو بالواسط فعلَ جهڙوڪ:





ڊهارائڻ، لکارائڻ وغيره ناپيد آهن.

ٻنهي ٻولين ۾ ڪردنتَ (Participles) ٽي آهن: حاليہ، ماضي ۽ مستقبل. جيڪي معروف ۽ مجهول نسبت(Active and Passive voices) رکن ٿا.

### ظرفَ (Adverbs):

انگريزيءَ ۾ ظرفَ اڪثر ڪري لاڳاپيل صفت سان /ly—/ پڇاڙي ڳنڍي ناهيا ويندا آهن. جيئن: Habitual مان Habitually وغيره. سنڌيءَ ۾ ظرفَ يڪ صرفيا ۽ گهڻ صرفيا ٿين ٿا. ساده ظرفَ يَڪ صرفيا هوندا آهن. مثال طور: هيٺ، مٿي، ڪلهہ وغيره. گهڻ صرفيہ ظرفَ وري اسمن، ضميرن، صفتن، سادن ظرفن ۽ فعلن مان اشتقاق، ترڪيب ۽ تڪرار جي ذريعي جوڙيا وڃن ٿا. مثال طور: ٻيهر، رات ڏينهن، اڳي پوءِ، وري وري وغيره.

### حرف جرَ (Pre or Postposition):

سنڌي ۽ انگريزي ٻنهي ٻولين ۾ اڪثر حرف جرَ يَڪ صرفيا ٿين ٿا. مثال طور سنڌيءَ ۾: تي، کان، ۾ وغيره. انگريزيءَ ۾: on, from, in وغيره. سنڌيءَ جي هڪ منفرد بناوت ۾ حرف جرَ پڇاڙين طور بہ استعمال ٿين ٿا. اهي پڇاڙيون اسمن سان لڳايون وينديون آهن. مثال طور: گهر>گهران، ڳوٺ > ڳوٺان وغيره.

### گرداني صرفيات (Inflectional Morphology):

سنڌي ڪافي حد تائين هڪ گرداني زبان آهي. اها اسمن (ضمير ۽ صفت سميت) ۽ فعلن جو مقابلي ۾ وڌيڪ ڳوڙهو ۽ باقاعده گرداني نظام رکي ٿي. جڏهن تہ انگريزيءَ ۾ رڳو ڪجهہ گرامري تصريفون آهن.

**Table 02** : Inflections in English

| | |
|---|---|
| (Third Person Sing.pr.) -es | (Superlative) -est |
| (Plural) -s | (Past Tense) -ed |
| (Possessive) -'s | (Progressive) -ing |
| (Comparative) -er | (Past Participle) -en |

- **اسمن جو گردان:**

انگريزيءَ ۾ اسمَ رڳو عدد ۾ ڦِرن ٿا. منجهس رڳو هڪ جمع صرفيو (s-) آهي. سنڌيءَ ۾ اسمَ عدد، جنس ۽ حالت ۾ ڦِرن ٿا. انهن جا ڏهاڪو کن صرفيا آهن: /-اَ/ (سِٽَ)، /-اِ/ (چِٽِ)، /-اِي/ (ڇوڪري)، /-آ/ (بلا)، /-او/ (گهوڙو)، /-اُ/ (گهَرُ)، /-اُو/ (ماڻهُو)، /-اُون/ (چِٽُون)، /-اَ/ (گهَرَ)، /-آ/ (گهوڙا).

جنسَ جي لحاظ کان، جيئن اڳ بہ بيان ڪيو ويو آهي، تہ سنڌيءَ جي برخلاف انگريزيءَ ۾ اسمَ گرامري جنسَ کو نہ ٿا رکن. جڏهن تہ سنڌيءَ ۾ سيئي اسمَ ٻن گرامري جنسَ ڪلاسن (مذڪر ۽ مونث) ۾ ورهايا ويندا آهن، جيڪي پنهنجي گرداني پڇاڙين مان سڃاتا وڃن ٿا. اسمن کان سواءِ صفتون ۽ فعل بہ جنسَ مطابق ڦِرن ٿا.

اسمَ جي حالت جو بہ سنڌي ۽ انگريزيءَ جي وچ ۾ فرق آهي. انگريزيءَ ۾ اسمَ رڳو هڪ حالت يعني، ’حالتِ مِلڪي‘ ۾ ڦِرن ٿا. جيڪا گرداني صرفيي /S‘—/ ڳنڍڻ سان ٺاهي ويندي آهي. سنڌيءَ ۾ اسمَ ٽن حالتن (فاعلي، مفعولي ۽ ندائي) ۾ ڦِرن ٿا. مثال طور: ڇوڪرو (فاعلي)، ڇوڪري (مفعولي)، ڇوڪرا ! (ندائي).

- **ضميرَ جو گردان:**

سنڌيءَ ۾ اڪثر ضميرَ عدد ۽ حالت مطابق ڦيرو کائن ٿا. مثال طور: مان، منهنجو، منهنجا، منهنجن، منهنجي وغيره. جڏهن تہ انگريزيءَ ۾ ضميرَ رڳو حالت ۾ تبديل ٿا. مثال طور: I, me, my, mine. ۽ ٽَرِ پَرسَن پروناٺُون ۾ ٽي جنسون ظاهر ڪن ٿا: مذڪر (He, His, Him)، مونث (She, Her)، بي جان (it, its).

- **صفتن جو گردان:**

صفتن جي لحاظ کان سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ مکيہ فرق گردان جو آهي. انگريزيءَ ۾ صفتون ڪونہ ڦيون ڦرن، جڏهن تہ سنڌيءَ ۾ گرداني ڪلاس سان واسطو رکندڙ صفتون جنس، عدد ۽ حالت ۾ ڦيرو کائن ٿيون. مثال طور: سُنو، سُني، سُنا، سُنيون، سُنن، سُنين وغيره.

- **فعل جو گردان:**

فعلي گردان جي لحاظ کان انگريزيءَ کي مقابلتاً آسان زبان مڃيو ويندو





آهي. سندس فعلي فقري ۾ رڳو ٻن Finite زمانن ۽ ٻن ڪردنتن (Participles) کان سواءِ ٻيون سڀ بناوٽون (ٽَرِ پَرسَن واحد علامت کان سواءِ ) مختلف مددي فعلن جي ميلاپ سان ظاهر ڪيون وينديون آهن. يعني، انگريزي فعلَ رڳو انهن ٻن زمانن ۽ ٻن ڪردنتن ۾ ڦِرن ٿا.

**Table 03:** Verb Conjugation in English

| Pres. | Pr.3rd person sing. | Past | Pr. Participle | Past part. |
|---|---|---|---|---|
| Play | Plays | Played | Playing | Played |

انگريزيءَ ۾ ’be‘ اهڙو اڪيلو فعل آهي جيڪو گرامري بناوت جي هر قِسم لاءِ ڌار صورت رکي ٿو (be, being, is, am, are, was, were). جڏهن تہ سنڌيءَ جو فعلي گرداني نظام نهايت پيچيدو آهي. ان ۾ فعلَ زمان، طرز (Mood)، نسبت (Voice) ۽ آسپيڪٽ ۾ ڦِرن ٿا. جيٽلي (1968) جي نشاندهيءَ موجب، سنڌي فعل ٽُڙَ نَوَن قسمن جا آهن. جن مان پنجَ غير ڪردنت ۽ باقي چار ڪردنتي آهن. ڪردنتَ عدد ۽ جنس ۾ بہ ڦرن ٿا. معاون فعل جو بہ زمان، عدد ۽ جنس ۾ گردان ٿئي ٿو. ان کان سواءِ ٽنهي زمانن (حال، ماضي، مستقبل) جي ٽن رُوپن (مدامي، جاري، ڪامل) ۽ ٻين بناوٽن (جيڪي مختلف معاون فعلن ذريعي جوڙيون وينديون آهن) جو پڻ زمان، عدد ۽ جنس ۾ گردان ٿئي ٿو.

- **طرز (Mood):**

سنڌي ۽ انگريزي ٻنهي ٻولين ۾ ٽي طرزَ آهن. امري، بياني، تمنائي. انهن مان اَمري طرز ۾ ٻنهي جو اختلاف آهي. سنڌيءَ ۾ اِهو ٻن زمانن (حال ۽ مسقبل) ۾ ڦِري ٿو. مثال طور: پڙهُ، پڙهجو. جڏهن تہ انگريزيءَ ۾ اهو مستقبل جي معنيٰ جو اظهار ڪونہ ٿو ڪري.

- **زمان (Tense):**

انگريزيءَ ۾ ٽنهي زمانن جا چار رُوپَ ٿين ٿا: Simple, Continuous, Perfect, Perfect Continuous . سنڌيءَ ۾ پهريان ٽي رُوپَ تہ آهن پر چوٿون (Perfect Continuous form) عام طور نہ ٺاهيو ويندو آهي. ان کان سواءِ سنڌيءَ جي زمان حال استمراري ۽ زمان حال مُداميءَ جُون ٻئي بناوتون انگريزيءَ ۾ Present simple ذريعي

اظهاريون وينديون آهن.

**ٽيبل-۴:** سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ زمان حال جا مثال.

| سنڌي | انگريزي |
|---|---|
| هُو پڙهن ٿا. (استمراري) | They study. |
| هُو پڙهندا آهن. (مُدامي) | They study. |

- **نِسبت يا پريوڳ (Voices):**

سنڌي ۽ انگريزي ٻنهي ٻولين ۾ ٻه نسبتون آهن: معروف ۽ مجهول (Active and Passive) پر سنڌيءَ جي برخلاف انگريزي (Passive Voice) ۾ جاري ۽ ڪامل (Continuous and Perfect) ٻنهي روُپن کي گڏائي سگهجي ٿو.

- **لفظي بناوٽ (Word Formation):**

انگريزيءَ ۾ لفظ سازي اشتقاق، ترڪيب ۽ ٿوري حد تائين گردان ذريعي ٿئي ٿي. جڏهن ته سنڌيءَ ۾ انهن ٽنهي طريقن (اشتقاق، ترڪيب ۽ گردان) کان سواءِ پَدَ جوڙڻ جو طريقو (Agglutination) به موجود آهي.

مشتق لفظ انگريزيءَ ۾ اڪثر ڪري بنيادي لفظن ۾ جوڙنشانيون ڳنڍڻ (Affixation) ۽ تبديلي (Conversion) جي ذريعي ٺاهيا ويندا آهن. سنڌيءَ ۾ به اهي ٻنهي طرحن سان ٺهن ٿا.

**ٽيبل-۵:** سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ مشتق لفظن جا مثال.

| طرح | سنڌي | انگريزي |
|---|---|---|
| جوڙ نشانين سان | اڻ سونهون، ڪنٽهار | Hopeful , Impossible |
| تبديليءَ سان | چڱو (ظرف)، چڱو (صفت) | Need (n) , Need (v.) |

**مرڪب** بناوتن جي حوالي کان سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ فرق هئڻ سان گڏ ڪجهه هڪ جهڙايون به آهن. مثال طورَ: ٻن لفظن وارا مرڪب ٻنهي ۾ آهن پر انگريزيءَ ۾ انهن جي گهڻائي اسم، صفت ۽ فعل ڪلاس مان آهي. جڏهن ته سنڌي ۾ انهن ڪلاسن کان سواءِ ضمير ۽ ظرف مرڪبَ به ٿين ٿا.





سنڌيءَ ۾ ٻين ڏکڻ اولهندي هند آريائي زبانن جهڙوڪ: اردو، هندي ۽ پنجابي وغيره جيان **لفظي تڪرار** ۽ ورجاءَ جهڙوڪ: ڪم ڪار، ٻَڪَ ٻَڪَ وغيره ۽ **مُهمل لفظن** جهڙوڪ: چانهه پانهن، ماني ڏاني وغيره جو استعمال به عام آهي جڏهن ته انگريزيءَ ۾ اهڙيون مرڪب بناوتون ڪونهن.

- **نحويات (Syntax):**

نحوياتي تجزيئي مان چٽو آهي ته سنڌي ۽ انگريزي هڪ ٻئي کان مختلف نحوياتي اصول رکن ٿيون. هيٺ لفظي ترتيب جي حوالي کان ڪجهه تقابلي حقيقتون پيش آهن.

- **لفظي ترتيب (Word order):**

سنڌي SOV جڏهن ته انگريزي SVO ٻولي آهي. يعني، سنڌيءَ ۾ معياري لفظي ترتيب مطابق پهريان فاعل پوءِ مفعول ۽ آخر ۾ فعل اچي ٿو. جڏهن ته انگريزي، فاعل + فعل ۽ مفعول واري لفظي ترتيب رکي ٿي. جيڪڏهن جملي ۾ ٻه مفعول هجن ته ٻنهي ٻولين ۾ ثانوي مفعول بنيادي مفعول کان اڳ واقع ٿئي ٿو.

مثال طور: مون هن کي ڪتاب ڏنو. I gave him a book.

ائين انگريزيءَ ۾ اسمَ جي فاعلي حالت فعل کان اڳ اچي ٿي ۽ مفعولي حالت فعل کان پوءِ. جڏهن ته سنڌيءَ ۾ عام طور ٻئي حالتون فعل کان اڳ واقع ٿينديون آهن.

**صفت جي بيهڪ:** ٻنهي ٻولين ۾ صفت موصوف کان اڳ يا پوءِ آڻي سگهجي ٿي. مثال طور سنڌيءَ ۾: نئين ڪار ڏس. ڪار نئين آهي. انگريزيءَ ۾:

The car is new. , The new car. وغيره.

**ظرف جي بيهڪ:** سنڌيءَ ۾ ظرفَ عام طور واسطيدار صفت يا فعل کان اڳ اچن ٿا: تمام خراب ڳالهه، جلدي اچ وغيره.

In English, adverbs should come next the word or words they modify: He had got almost to the top when the rope broke. (Wren & Martin.2008.p.282)

**حرف جَر:** سنڌيءَ ۾ حرف جَرَ انگريزيءَ جي 'Preposition' جيان ڪم ڪن ٿا پر بيهڪَ ۾ انگريزيءَ جي اُبتڙ اسم کان اڳ اچڻ جي بجاءِ هميشه اسم يا ضمير کان

پوءِ واقع ٿيندا آهن. تنهن ڪري ڪين انگريزي اصطلاحَ ۾ ’Post position‘ چئبو. مثال طور: سکر کان From Sukkur. وغيره.

**سواليہ حرفَ:** ٻنهي ٻولين ۾ فهمي سواليا حرفَ (ڪير، ڪٿي، ڪڏهن، When, Where, Who) جملي ۾ فعل کان اڳ اچن ٿا. فرق اِهو آهي تہ سنڌيءَ ۾ انگريزيءَ جيان انهن حرفن سان گڏ استعمال ٿيندڙ ’do‘ جهڙو فعل استعمال نہ ٿيندو آهي. ها/نہ جي جواب وارن سواليہ حرفن جي طور، انگريزيءَ ۾ معروف فعل ’do‘ سوالي جملي ۾ استعمال ٿيندو آهي ۽ سنڌيءَ ۾ يا تہ ابتداء ۾ ’ڇا‘ سواليہ حرف استعمال ٿئي ٿو يا وري آوازي لاهہ چاڙهہ سان سوال ڪبو آهي.

اسان ڏٺو تہ سنڌي ۽ انگريزي ٻولين جي لفظي ترتيب ۾ مکيہ فرق جملي ۾ فعل ۽ حرف جر جي بيهڪ جو آهي. باقي اٽڪل سيني قسمن جا لفظَ ساڳي ترتيب رکن ٿا. تنهن ڪري سواءِ فعلي ۽ حرف جري جملي جي باقي اٽڪل سيني قسمن جا فقرا ٻنهي ٻولين ۾ ساڳي نحوي نموني جُڙن ٿا.

هتي لفظي ترتيب جي باري ۾ محمد عمر چند (٢٠٠٤) جي هيٺين وضاحت حوالي طور پيش ڪرڻ جائتو ٿيندو.

نحوي تصورن (فاعل مفعول لاڳاپو، زمان، عدد ۽ آسپيڪٽ وغيره) جي اظهار لاءِ مختلف ٻولين جي گرامرن وٽ ٿي مختلف وسيلا يا اوزار آهن: (١) لفظي ترتيب (٢) ڪارجي لفظ (٣) تصريفون (Inflections). سنڌي انهن ٽنهي طريقن سان اهو ڪم سرانجام ڏئي سگهي ٿي. يعني، ان ڪي لفظي ترتيب جي پابنديءَ جو لاچار ڪونهي. انگريزي ٻولي وري اهڙي آهي جو منجهس اهو لاڳاپو نہ ڪي فاعل مفعول واري تصريفن سان ادا ٿي سگهي ٿو نہ ڪي ڪارجي لفظن سان. ان ڪري انگريزيءَ ڪي مڪمل طور لفظي ترتيب تي ياڙڻو پوي ٿو. (، ٢٠٠٤ع، ص. ١٦٥-١٦٧)

**ٽيبل-٦:** نحوي تصورن جي اظهار لاءِ مختلف وسيلن جا مثال.

| | لفظي ترتيب سان | تصريفن سان | ڪارجي لفظ ذريعي |
|---|---|---|---|
| **سنڌي :** | مون چور ڏٺو. (SOV) | چورُ مون ڏٺو. (OSV) | چور ڪي مون ڏٺو. (OSV) |
| **انگريزي :** | I saw the thief. (sov) | I saw thief | Theif saw me |

ذريعو: چند (٢٠٠٤)

لفظي ترتيب جي اختلاف کان سواءِ سنڌيءَ ۾ انگريزيءَ جي برخلاف





’Indirect speech‘ بہ ناهي ٿيندي.

- **الفابيٽ:**

اسين ڄاڻون ٿا تہ انگريزيءَ جي ڇويهہ اکري ’ليٽن‘ الفابيٽ کاٻي کان ساڄي لکجي ٿي. پاڪستاني سنڌيءَ لاءِ خطِ نسخ استعمال ٿيندي آهي، جنهن ۾ ٻاونجاهہ اکر آهن ۽ اِها ساڄي کان کاٻي لکجي ٿي. انڊين سنڌي ديوناگري ۽ گرمکي خطن ۾ پڻ لکجي ٿي. ان کان سواءِ سنڌيءَ ۾ انگريزيءَ وانگي ’Capital later‘ استعمال نہ ٿيندا آهن ۽ نہ ئي ان جي جملي جي سڀاٽپ پهرين لفظَ جي شروعاتي وڏي اکر ( Capitalized Later) سان ٿيندي آهي.

### ٥. حاصل مطلب (Conclusion):

سنڌي ۽ انگريزيءَ جي هن تقابلي لسانياتي اڀياس مان ظاهر آهي تہ هڪ لساني خاندان جي مختلف شاخن سان تعلق رکندڙ ٻئي ٻوليون مختلف صوتياتي نظام رکن ٿيون، منجهن ڪافي صرفياتي اختلاف آهي تہ سندن نحوي اصول بہ مختلف آهن. جڏهن تہ انهن وچ ۾ صوتياتي ۽ صرفي و نحوي هڪجهڙائي بہ ملي ٿي. ٻنهي ٻولين جي لسانياتي تقابل جو اختلاف ۽ اشتراڪ جي حوالي کان اختصار هيٺ ڏجي ٿو.

- **اختلاف:**

**صوتيات:** (١) سنڌي متحرڪ الآخر ۽ انگريزي ساڪن الآخر زبان آهي. (٢) سنڌيءَ ۾ ڏهَہ ۽ انگريزيءَ ۾ ويهہ سُرَ آهن. (٣) سنڌيءَ جا اوڀهہ وينجن صوتيا انگريزيءَ ۾ ڪونهن ۽ انگريزيءَ جو هڪ وينجن صوتيو (/Z/ ) سنڌيءَ ۾ ڪونهي. (٤) گُهڻاٽپَ (Nasalization) سنڌيءَ ۾ صوتيائي اهميت واري (Phonemic) آهي ۽ انگريزيءَ ۾ غير صوتيائي (Non Phonemic) آهي. (٥) سنڌيءَ ۾لفظي زور (Word Stress) انگريزيءَ جيئن اهم نہ آهي.

**صرفيات:** (١) سنڌي گهڻي حد تائين تصريفي (Inflectional) ٻولي آهي. انگريزي تمام گهٽ تصريفون رکي ٿي. (٢) سنڌيءَ ۾ سڀئي اسمَ ٻن جنسن (مذڪر ۽ مونث) ۾ ورهايا ويندا آهن ۽ انگريزيءَ ۾ اسمن ڪي جيتوڻيڪ چئن جنس ڪلاسن ۾ ورهايو وڃي ٿو، پر اهي گرامري جنسون نہ آهن. (٣) انگريزي اسمَ رڳو هڪ حالت ۾

ڦِرن ٿا. سنڌيءَ ۾اسمن جو ٽن حالتن (فاعلي، مفعولي، ندائي) ۾ عدد ۽ جنس جو گردان ٿئي ٿو. (۴) انگريزيءَ ۾ سنڌيءَ جيان بالواسط ۽ ٻٽو باالواسط فعلي واسطا ڪو نہ آهن. (۵) سنڌيءَ ۾ انگريزيءَ جي برخلاف ڪردنتن (Participles)جو بہ گردان ٿئي ٿو. (٦) انگريزيءَ ۾ اسمَ رڳو هڪ حالت ۾ ڦرن ٿا ۽ صفتون ڪونہ ٿيون ڦِرن. سنڌيءَ ۾ اسمن ۽ صفتن جو وڏو گروهہ گرداني آهي. (۷) سنڌيءَ ۾ ضمير بہ عدد، جنس ۽ حالت مطابق ڦيرو ڪائن ٿا. انگريزيءَ ۾ اهي رڳو حالت ۾ مٽجن ٿا. (۸) سنڌيءَ ۾ فعلي گرداني نظام نهايت پيچيدو ۽ باقاعده آهي، جڏهن تہ انگريزي فعلي گردان جي لحاظ کان نهايت آسان زبان آهي. (۹) سنڌيءَ ۾ انگريزيءَ جي برخلاف امري طرز جا ٻہ زمان (حال ۽ مستقبل) ٿين ٿا. جڏهن تہ انگريزيءَ ۾ امري طرز جو زمان مستقبل نہ ٿو ٿئي. (۱۰) انگريزيءَ جي برخلاف سنڌيءَ ۾ زمان جو ڪامل جاري روپ ( Perfect Continuous) نہ ٿاهيو ويندو آهي. (۱۱) سنڌيءَ ۾ زمان حال استمراري ۽ زمان حال مداميءَ جون ٻئي بناوٽون انگريزيءَ ۾ رڳو 'Present simple' ذريعي اظهاريون وينديون آهن. (۱۲) انگريزيءَ وانگي سنڌيءَ ۾ ڪو 'Definite Article' ڪونهي.(۱۳) سنڌيءَ جيان انگريزيءَ ۾ بالواسط (causative) ۽ ٻٽو باالواسط فعل بہ نہ آهن.

**لفظي بناوٽ:** (۱) انگريزيءَ ۾ لفظ سازي سنڌيءَ جي برخلاف گردان ذريعي بلڪل گهٽ ۽ پَدائتي جوڙ (Agglutination) ذريعي بلڪل نہ ٿي ٿئي. (۲) ٻنهي ۾ مرڪب فعلن جي بناوت ساڳي نہ آهي: لفظي تڪرار سنڌيءَ ۾ عام آهي ۽ انگريزيءَ ۾ نہ. سنڌيءَ جي اُبتڙ انگريزيءَ ۾ 'مهمل لفظ' بہ ڪونهن.

**نحويات:** (۱) ٻئي ٻوليون مختلف نحوي اصول رکن ٿيون؛ خاص ڪري ٻنهي جي لفظي ترتيب ڌار آهي. جنهن ۾ مکيہ فرق **فعل** ۽ حرف جَرَ جي بيهڪ جو آهي. (۲) سنڌي ٻولي نحوي تصورن جو اظهار ٽن طريقن (لفظي ترتيب، ڪارجي لفظ. تصريفون) سان ڪري سگهي ٿي پر انگريزي جملي بڻائڻ لاءِ مڪمل طور لفظي ترتيب تي ڀاڙي ٿي.(۳) سنڌيءَ ۾ انگريزيءَ جيان Indirect speech بہ ڪو نہ ٿي ٿئي.

**لغات:** ٻنهي ٻولين جي بنيادي لغت توڙي اڌارڻ (Borrowing)جا ذريعا مختلف آهن.

**رسم الخط:** ٻنهي ٻولين جا هڪ ٻئي کان مختلف **رسم الخط** آهن، جيڪي هڪ ٻئي جي ابتڙ طرفن وارا آهن.





- **هڪجهڙايون (Commonalities):**

**صوتيات:** (۱) ٻنهي ٻولين ۾ٽيويهہ وينجن ۽ ڏهَ سُرصوتيا ساڳيا آهن. (۲) جهيلاڙ ٻنهي ۾ صوتيائي اهميت رکي ٿي.

**صرفيات:** (۱) ٻنهي ۾ ٻہ عدد (واحد، جمع) آهن.(۲) ٻنهي ۾ فعل جونسبتون (Voices) ٻہ آهن؛ معروف ۽ مجهول. (۳) ٻنهي ۾ ٽي ڪردنت (Participles) آهن (حال، ماضي، مستقبل). (۴) ٻنهي ۾ فعل جا طرزَ (Mood) ٽي آهن؛ امري، بياني، تمنائي.

**لفظي بناوٽ:** ان مقصد لاءِ ٻئي ٻوليون اشتقاق ۽ ترڪيب جا طريقا گهڻو ڪتب آڻين ٿيون.

**نحويات:** فعل ۽ حرف جر جي بيهڪ جي اختلاف کان سواءِ باقي لفظي ترتيب ۾ گهڻي حد تائين هڪجهڙائي اٿن.

**لُغات:** سنڌيءَ ۾ وڏو انگ انگريزيءَ مان اڌاريل لفظن جو بہ استعمال ٿئي ٿو.

مجموعي طور چئي سگهجي ٿو، تہ سنڌي ۽ انگريزي ٻولين جي وچ ۾ لسانياتي اختلاف وڌيڪ ۽ هڪجهڙايون گهٽ آهن.

## حوالا


۱. الانا. غلام علي. (۲۰۰۵). سنڌي صوتيات. سنڌي لينگويج اٿارٽي، حيدرآباد.

۲. پريم، هدايت. (جنوري ۱۹۹۸). سنڌي ٻوليءَ تي انگريزي ٻوليءَ جو اثر. ڪلاچي. رسرچ جنرل. ص. ۱۴۰-۱۳۱. ڪراچي، يونيورسٽي آف ڪراچي.

۳. جيٽلي، مرليڌر. (۱۹۷۹) سنڌيءَ ۾ فعل ڌُاتن جي بناوت. مهراڻ -۲. ۱۹۷۹. ادبي مخزن. سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.

۴. چنڊ، محمد عمر. (۲۰۰۴). سنڌي ٻولي: لسانياتي جاگرافي. آراڌايون ۽ لفظي ترتيب. سنڌي لينگويج اٿارٽي، حيدرآباد.

5. Fromkin, V. Blair D. and Collins P. 1988. 1993. 1996. [1999]. An Introduction of language. Nelson Australian Pvt. Ltd. Australia.

6. Khubchandani, 1968. The Gender of English Loan Words in Sindhi. Poona. Deccan College.

7. Lewis, M. Paul, Gary F. Simons, and Charles D. Fennig (eds), 2014. Ethnologue. Languages of the World, Seventh Sil International. Online version: http// www.ethnolouge.com.

8. Wren & Martin. 1936. 1973. 1989. [2003]. High School English Grammar & Composition.. S. Chand & Company. Bombay.